# ڊگھين اميدن جا نقصانات

## Lambi Umeedon kay Nuqsanat

هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان



Books.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڏگهين اميدن جا نقصانات

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سَيِّدُ الْمُرسَلِين، جنابِ رَحْمَة لِّلْعٰلمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُوْدِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ ڏهه (10) نيڪيون لکندو آهي، ڏهه (10) گناهه معاف فرمائيندو آهي ۽ ان جا ڏهه (10) درجات بلند فرمائيندو آهي ۽ هي ڏهه (10) غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي.

(الترغيب والترهيب،۲/۳۲۲، حديث:۲۵۷۴)

يا نبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام — مجھ کو ہے ناز کہ میں ہوں تیرا غلام

اپنی رحمت سے تو شاہِ خیرُ الانام — مجھ سے عاصی کا بھی ناز بردار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَةً يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ڪرڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس .

## ڏکي اميد جي خاتمي جو انعام

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عُيونُ الحڪايات“ جي صفحي نمبر 348 تي آهي:

بَصره جي بادشاهه بادشاهي کي ڇڏي زُهد و تقوٰي واري راهه اختيار ڪئي، پر پيهر سلطنت ۽ حڪومت ڏانهن مائل ٿيو، عيش و عشرت ۾ باقي زندگي گذارڻ جو ارادو ڪيو. ان هڪ شاندار محل ٺهرايو، جنهن ۾ اعلٰي قسم جون قالينون وڇايون ۽ هر طرح جي ساز و سامان سان ان عظيمُ الشّان محل کي سينگاريو ۽ هڪ ڪمرو مهمانن جي لاءِ خاص ڪري ڇڏيو، اتي عمده بستر وڇايا ويندا هئا، مختلف قسمن جا کاڌا گهرايا ويندا هئا. اهو بادشاهه ماڻهن کي گهرائيندو هو، عظيمُ الشّان محل ۽ بادشاهه جي شان ۽ شوڪت ڏسي ماڻهو خوب تعريف ۽ خوشامد ڪندا هئا. هي سلسلو ڪافي عرصي تائين هلندو



www.dawateislami.net

رهيو، بادشاهه دنيا جي رنگينين ۾ مصروف ٿي چڪو هو، ان جي هن عظيمُ الشّان محل ۾ هر طرح جا موسيقي جا اوزار ۽ لهو و لعب جو سامان هو. اهو هر وقت دنياوي واهيات ڳالهين ۾ مگّن رهندو. انهن مشغلن بادشاهه کي ڏکين اميدن جي تباهه ڪار باطني بيماري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن ان پنهنجي خاص وزيرن، مُشيرن ۽ عزيزن کي گهرائي چيو: توهان هن عظيمُ الشّان محل ۾ منهنجون خوشيون ڏسي رهيا آهيو، ڏسو! آئون هتي ڪيترو سکون ۾ آهيان، آئون چاهيان ٿو ته پنهنجي پُٽن جي لاءِ به اهڙو ئي عظيمُ الشّان محلّ نهرايان، توهان ڪجهه ڏينهن مون وٽ ترسو، خوب عيش ڪريو ۽ وڏيڪ محلّ نهڻ جي باري ۾ فائديمند مشوره ڏيو، ته جيئن آئون پنهنجي پُٽن جي لاءِ بهترين محلّ نهرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان. جيئن ته اهي ماڻهو ان وٽ رهڻ لڳا، هڪ رات بادشاهه سميت سڀ ماڻهو راند روند ۾ مشغول هئا ته محل ۾ ڪنهن پاسي کان هڪ غيبي آواز سيني کي ڏڪائي ڇڏيو، ڪير چوڻ وارو چئي رهيو هو:

”اي پنهنجي موت کي وساري عمارت نهرائڻ وارا! ڏکيون ڏکيون اميدون ڇڏي ڏي، چو ته موت لکجي چڪو آهي. ماڻهو چاهي پاڻ کلن يا ٻين کي کلائن، بهرحال موت ان جي لاءِ لکيو ويو آهي ۽ تمام وڏيڪ اميد رکڻ واري جي سامهون تيار بيٺو آهي. اهڙا محل هرگز نه نهراءِ، جنهن ۾ تون کي رهڻو ئي ناهي، تون عبادت ۽ رياضت اختيار ڪر ته جيئن تنهنجا گناهه معاف ٿي وڃن“

ان غيبي آواز بادشاهه ۽ ان جي سيني ساٿين کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو، بادشاهه پنهنجي دوستن کي چيو: جيڪو غيبي آواز مون ٻڌو ڇا توهان به ٻڌو؟ سيني گڏجي هڪ آواز ۾ چيو: جي ها! اسان به ٻڌو آهي. بادشاهه چيو:



www.dawateislami.net

جيڪا شيءِ مان محسوس ڪري رهيو آهيان ڇا توهان بہ محسوس ڪري رهيا آهيو؟ پڇيو: توهان ڇا محسوس ڪري رهيا آهيو؟ ان چيو: مان پنهنجي دل تي ڪجھ بوجھ محسوس ڪري رهيو آهيان، مون کي لڳي ٿو تہ منهنجي موت جو پيغام آهي. ماڻهن چيو: اهڙي ڪا ڳالھ ناهي، توهان جي عمر وڏي ۽ اقبال بلند ٿئي، توهان پريشان نہ ٿيو. ان غيبي آواز بادشاھ جي دل مان ڏکين ڏکين اميدن جو خاتمو ڪري ڇڏيو، ان کي عيش ۽ عشرت جا سيئي منصوبا حقير نظر اچڻ لڳا، آخرت جي فڪر جو ان تي غلبو ٿيو، ان جي دل مان خواهشن جي باھ وسامي وئي ۽ اهو گناھ ڇڏڻ جو ارادو ڪندي بارگاھِ خداوندي ۾ هيئن عرض گذار ٿيو: ”اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مون تو کي ۽ هتي موجود تنهنجي ٻانهن کي گواھ بڻائي تنهنجي طرف رجوع ڪريان ٿو ۽ پنهنجي تمام گناهن ۽ زيادتين تي نادم ٿي توبھ ڪيان ٿو. اي منهنجا خالق عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون مون کي دنيا ۾ ڪجھ مدّت وڌيڪ باقي رکڻ چاهين ٿو تہ مون کي دائمي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي راھ تي هلاءِ ۽ جيڪڏهن مون کي موت ڏئي پنهنجي طرف گهرائڻ چاهين ٿو تہ تون مون تي ڪرم ڪر ۽ پنهنجي ڪرم سان منهنجي گناهن کي بخش.“ بادشاھ اهڙي طرح التجا ۾ مصروف رهيو ۽ ان جو سور وڌندو ويو، پوءِ ان هنن لفظن جي تڪرار شروع ڪري ڇڏي: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! موت، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! موت. بس اهي ئي ڪلما ان جي زبان تي جاري هئا تہ ان جو روح پرواز ٿي ويو. ان دور جي فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائيندا هئا: ان بادشاھ جو خاتمو توبھ تي ٿيو. (موسوعة ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 361، عُيونُ الحكايات، 404)

خدایا بُرے خاتمے سے بچانا
پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یا الٰہی
گناہوں کی عادت بڑھی جا رہی ہے
کرم یا الٰہی کرم یا الٰہی



www.dawateislami.net

# ڏگھي اميد گناھن جي جڙ آھي

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان بادشاھ کي ڏگھي اميد ڪھڙي طرح فاني دنيا جي عيش و عشرت جو عادي بڻائي لذّتن ۾ بدمست ڪري ڇڏيو، انھيءَ ڏگھي اميد جي ڄار ۾ ڦاسي ڪري اھو قبر جي وحشتن کان بي نياز، پُر رونق محلات جي تعميرات ۽ راند روند جي اوزارن ۾ مشغول ٿيو، دوستن جي بي فائده صحبت ۽ خادمن جي خوشامدانہ خدمت جي نشي ۾ قبر جي تنھائي کي ھڪدم وساري ويٺو، پر جيئن ئي دل مان ڏگھين اميدن جي ٻاھ وسامي، غفلت جي اونداھي دور ٿي، تہ ان جي دل توبھ جي طرف مائل، گناھن کان بيزار ۽ دنيا کان اُچاٽ ٿي وئي. واقعي ڏگھين اميدن جي آفت، انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيئي طرح جي مصيبتن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آھي، نفس ۽ شيطان ان کي توبھ جي اميد ڏياري پنھنجي ڄال ۾ ڦاسائيندا آھن، ايئن ئي ٻانھو گناھن تي دلير ٿي ويندو آھي ۽ بعض اوقات گناھن تي دليري بري خاتمي جو سبب بڻجي ويندي آھي. ياد رھي! ڏگھي اميد تمام گناھن جي جڙ ۽ انسان جي تباھي ۽ بربادي جو ھڪ سبب آھي. جيئن تہ

**نبيِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آھي:** اَوَّلُ فَسَادِهَا اَلْبُخْلُ وَالْاَمَلُ **يعني ھن امت جو پھريون فساد بخل ۽ ڏگھي اميد آھي.** (مشكاةُ المصابيح، ج. 2، ص. 260، حديث 5281) **ھن روايت جي تحت مفسرِ شھير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان **فرمائن ٿا: يعني مسلمان جو پھريون گناھ، جيڪو ٻين گناھن جو سبب آھي ان مان ٻہ (2) شيون ھي آھن: (1) بخل جڙ آھي خون ريزي ۽ فساد جي (2) ڏگھيون اميدون جڙ آھن، غفلت ۽ گناھن جي. انسان پوڙائپ ۾ بہ ھي سوچيندو آھي تہ اجا عمر گھڻي آھي، نيڪيون**



www.dawateislami.net

آئينده ڪري وٺنداسين، انهي خيال ۾ رهندا آهن تہ موت اچي ويندو آهي.

(مراۃ المناجیح، ج. 7، ص. 94)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڏگهي اميد مان ڇا مراد آهي؟

منا منا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح ظاهري مرضن کان بچڻ جي لاءِ بنيادي معلومات جو هجڻ لازمي آهي، اهڙي طرح باطني مرضن کان حفاظت جي لاءِ بہ علم ضروري آهي، تنهنڪري ڏگهي اميد جي هيءَ تعريف خوب ذهن نشين فرمائي ڇڏيو: جن شين جو حصول تمام مشڪل هجي، ان جي لاءِ ڏگهيون اميدون ٻڌي ڪري زندگي جا قيمتي لمحا ضائع ڪرڻ، طُولِ امل يعني ڏگهي اميد چورائيندو آهي. (فيض القدير، ج. 1، ص. 277، حديث 294)

## ڏگهي اُميد جا نقصانَ

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏگهي اميد جي متعلق الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 14 سورۃُ الحجر جي آيت نمبر 3 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قرآني آيت

صدر الافاضل حضرت علاّمہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: ان ۾ تنبيهہ آهي تہ ڏگهيون اميدن ۾ گرفتار ٿيڻ ۽ دنيا جي لذّتن جي طلب ۾ غرق ٿي وڃڻ، ايماندار جو شان ناهي. حضرت علي مرتضٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو: ڏگهيون اميدون آخرت کي وساريندڙيون آهن ۽ خواهشن جي پيروي، حق کان روڪيندي آهي.



www.dawateislami.net

## ٿي فرمانِ مصطفٰي

اچو! ڏگهين اميدن جي آفات جي متعلق ٿي فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا: جيئن ته،

1. ”ڇهه شيون عمل کي ضائع ڪري ڇڏينديون آهن: (1) مخلوق جي عيبن جي ٽوهه ۾ لڳي رهڻ (2) دل جي سختي (3) دنيا جي محبت (4) حيا جي ڪمي (5) ڏگهي اميد ۽ (6) حد کان وڌيڪ ظلم. (ڪنز العمال، ج. 16، ص. 36، حديث 44016)

2. عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس جي خواهشن کي ڪمزور ڪري ڇڏي ۽ موت کان پوءِ اچڻ واري زندگي جي لاءِ نيڪ عمل ڪري ۽ عاجز ۽ لاچار اهو آهي، جيڪو نفساني خواهشن جي پيروي ڪري ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڏگهيون اميدون رکي. (شعب الايمان، ج. 7، ص. 350، حديث 10546)

3. ”مون کي پنهنجي امت تي جنهن شين جو خوف آهي، انهن مان خوفناڪ شي نفساني خواهش ۽ ڏگهي اميد آهي“ (الڪامل في ضعفاء الرجال، ج. 6، ص. 316)

## ڏگهي اميد نيڪ بڻجڻ ۾ رڪاوٽ آهي

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! گهٽي عمر جي ڏگهي اميد نمازون قضا ڪرائيندي آهي، زڪوٰة ۽ فرض حج جي ادائگي ۾ تاخير ڪرائيندي آهي، هميشه آسائش ڀري زندگي جي ڏگهي اميد ڏک، تڪليف ۽ مشقت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. ڏگهيون اميدون انسان جي دل ۾ مال ۽ دولت جي هَوَس پيدا ڪنديون آهن، ڏگهيون اميدون ئي بلند ۽ بالا عمارتون تعمير ڪرڻ تي اڀارينديون آهن، ڏگهيون اميدون ئي انسان جي دل مان قيامت جي ڏينهن



www.dawateislami.net

بارگاهِ الٰهي ۾ پنهنجي هر عمل جي جواب ڏيڻ جو ڊپ ۽ بري خاتمي جو خوف ڪڍنديون آهن، انسان ڏگهي اميدن ۾ پئجي ئي مسلمانن سان بغض ۽ عداوت رکي ٿو، توبهه ڪرڻ جي اميد تي غيبت، چغلي، حسد، تڪبر جهڙن باطني گناهن ۾ وجي پوي ٿو ۽ شيطان ان جي دل تي حڪومت ڪري ٿو. (موسوعة ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 328، رقم: 103) **ڏگهين اميدن جي سبب نيڪيون ڪرڻ دشوار ٿي ويندو آهي جيئن ته**

حضرت سيّدنا امام غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی فرمائن ٿا: **ڏگهيون اميدون** نيڪي ۽ طاعت جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن، پڻ هر فتني ۽ شر جو باعث آهن، ڏگهين اميدن ۾ مبتلا ٿي وڃڻ، هڪ مرض آهي جيڪو ماڻهن کي ٻين گهڻن مرضن ۾ مبتلا ڪندو آهي. (منهاج العابدين، ص. 118)

## ڇهه آزمائشون!

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏگهي اميد انسان کي ڇهن آزمائشن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي:

**پهرين آزمائيش:** ڏگهي اميد انسان کي غافل ۽ سُست بڻائي ڇڏيندي آهي، اهو ئي سبب آهي ته نيڪي ڪرڻ کان پهريان ئي دل ۾هي خيال ڄمي ويندو آهي ته "اجا ٿوڙي دير کان پوءِ ڪندس، اجا ڪافي وقت آهي، عبادت جو موقعو ضايع ٿيڻ نه ڏيندس" ايئن ئي سستي ڪري ٻانهو نيڪيءَ جو موقعو ضايع ڪري ڇڏيندو آهي. (منهاج العابدين، ص. 81)

**ٻين آزمائش:** ڏگهي اميد انسان کي بد عملي جو شڪار ڪري ڇڏيندي آهي، جئين ته حضرت داؤد طائي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن بالڪل سچ فرمايو آهي:



www.dawateislami.net

جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي وعيد کان ڊڄي ٿو، اهو پري کي بہ ويجهو خيال ڪري ٿو ۽ جيڪو ڏگهين اميدن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي اهو بد اعماليءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي. (منهاج العابدين، ص. 81)

**ٽئين آزمائش:** ڏگهي اميد جي سبب نيڪي ڪرڻ دشوار ٿي ويندو آهي، جيئن تہ حضرت يحيٰ بن معاذ رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ”دنيا جون اميدون“ انسان کي هر نيڪ ڪم کان ڪٽي ڇڏيندون آهن، ”طمع ۽ لالچ“ هر حق کان انسان کي روڪي ڇڏي ٿو. ”صبر“ ڀلائي جي طرف رهنمائي ڪندو آهي ۽ ”نفسِ امّاره“ شر ۽ برائيءَ جي طرف گهرائيندو آهي. (منهاج العابدين، ص. 81)

**چوٿين آزمائش:** ڏگهي اميد توبهہ ۾ ٽال مٽول جو عادي بڻائي ڇڏيندي آهي، جنهن سبب دل ۾ هي خيال پيدا ٿين ٿا: ”هاڻي توبهہ ڪري وٺندس، هاڻي ڪافي وقت آهي، مان اڃا جوان آهيان، مان اڃا گهڻ عمر آهيان، توبهہ هر وقت منهنجي اختيار ۾ آهي، جڏهن چاهيندس، ڪري وٺندس“ (منهاج العابدين، ص. 81)

**پنجين آزمائش:** ڏگهين اميدن ۾ مبتلا ٿيڻ سبب دل سخت ٿي ويندي آهي، پوءِ نيڪي جو جذبو گهٽ ٿيندو ويندو آهي، گناهن جي ڪثرت وڌي ويندي آهي، حرص ۽ لالچ ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، دل آخرت جي فڪر کان غافل ٿي دنياوي عيش ۽ آرام جي عادي بڻجي ويندي آهي. (منهاج العابدين، ص. 82)

**ڇهين آزمائش:** ڏگهي اميد انسان کي موت کان غافل ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن تہ روايت آهي نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽي ڪانيون ڪنيون، هڪ پنهنجي سامهون کوڙي، ٻئي ان جي برابر ۾ جڏهن تہ



www.dawateislami.net

ٽين ٽورو پري، پوءِ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان ارشاد فرمايائون: ”توهان ڄاڻيو ٿا هي ڇا آهي؟“ انهن عرض ڪيو: الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻين ٿا. ارشاد فرمايائون: ”هڪ ڪاٺي انسان ۽ ٻي موت آهي جڏهن تہ پري واري اميد آهي، انسان اميد جي طرف هٿ وڌائيندو آهي. پر اميد جي بدران موت ان ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو آهي.“ (موسوعة ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 306، رقم:10)

دِل سے الفتِ دنیا بالیقیں نکل جاتی خار ان کے صَحرا کا دل میں گر اُتَر جاتا
لازمی ہے ہر صورت چھوڑنا گناہوں کا بھائی موت سے پہلے کاش! تُو سدھر جاتا

## اهم نصيحت!

منا منا اسلامي ڀائرو! پاڻ ڪي موت جي ويجهو تصور ڪريو، پنهنجي انهن عزيز مٽن مائٽن ۽ دوستن کي ياد ڪريو، جن کي موت اچي ورتو ۽ اڄ اهي مَنَ مٽيءَ هيٺان دفن آهن، ڏکيين اميدن بابت هڪ ناصح (يعني نصيحت ڪرڻ واري) جي نصيحت ٻڌو جيئن تہ

حضرت سيّدنا ابو زڪرِيّا تَيمِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان منقول آهي تہ اُمَوي خليفي سليمان بن عبدالملڪ مسجدِ حرام ۾ ويٺو هو تہ ان وٽ هڪ پٿر آندو ويو، جنهن تي ڪجھ لکيل هئو، پوءِ ڪنهن پڙهڻ واري کي تلاش ڪيو ويو تہ حضرت سيّدنا وهب بن مُنبِّہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه تشريف ڪٺي آيا، ان تي ڪجھ هيئن لکيل هو: اي ابن آدم! جيڪڏهن تون زندگي جي ويجهو شيءِ موت کي ڏسي وٺين تہ ضرور ڏکيين اميدن کان ڪنارو ڪندين ۽ پنهنجي عمل کي وڌائيندين، پڻ تنهنجو حرص ۽ ڪوششون گهٽ ٿي وينديون ۽ جيڪڏهن تنهنجا قدم ٿڙي وڃن تہ قيامت جي ڏينهن تو کي افسوس ٿيندو، تنهنجا گهر



www.dawateislami.net

وارا ۽ پاڙي وارا تو کي قبر جي حوالي ڪري ڇڏيندا، والدين ۽ رشتيدار پري ٿي ويندا، اولاد ڇڏي ويندو ۽ تون دنيا جي طرف نہ واپس اچي سگهندين نہ ئي نيڪين ۾ اضافو ڪري سگهندين، تنهنڪري حسرت ۽ ندامت طاري ٿيڻ کان پهريان ئي قيامت جي ڏينهن جي لاءِ تياري ڪري ڇڏ. هي ٻڌي سليمان بن عبدالملڪ ڏاڍو رُنو. (احياءُ العلوم، ج 5، ص 199)

قبر میں میّت اُترنی ہے ضرور جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

## ڏگهيون اميدون نہ رکڻ جي فضيلت

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ڏگهيون اميدون نہ رکڻ جي برڪت سان هدايت نصيب ٿيندي آهي، جيئن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص دنيا ۾ رغبت ڪندو ۽ ان ڏگهيون ڏگهيون اميدون ٻَڌندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل کي دنيا ۾ رغبت جي حساب کان انڌو ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪو شخص دنيا کان بي رغبتي ڪندو ۽ پنهنجي اميدن کي گهٽ ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي سکڻ جي بغير علم عطا ڪندو ۽ بنا ڪنهن جي رهنمائي جي هدايت عطا فرمائيندو. (ڪنز العمال، ج. 3، ص. 82)

## غفلت جو علاج

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! دنياوي اميدن ۾ گهٽتائي سان غفلت طاري ناهي ٿيندي، انسان گناهہ تي دلير ناهي ٿيندو، توبهہ ۾ جلدي ڪندو آهي ۽ هر وقت پنهنجي موت کي پيشِ نظر رکندو آهي، اهو سبب آهي جو بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى پاڻ کي ڏگهين اميدن کان بچائيندا هئا، ان باري ۾ ٽي حڪايتون ٻڌو:

**حڪايت:** حضرت سيّدنا محمد بن ابُو توبہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه چون ٿا تہ هڪ ڀيري حضرت سيّدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن نماز جي لاءِ اِقامت چئي ۽



www.dawateislami.net

مون کي فرمايو: ”اڳيان وڏي نماز پڙهايو“ مون عرض ڪيو: ”اها هڪ ئي نماز پڙهائيندس، ان کان علاوه ڪا به نماز نه پڙهائيندس“ هي ٻڌي انهن فرمايو: ”تون پنهنجي دل ۾ ٻي نماز جي باري ۾ سوچي رهيو آهين، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڏکين اميدن کان بچائي ته اهي ئي نيڪ اعمال ۾ رڪاوٽ بڻجنديون آهن“ (احياءُ العلوم، ج. 5، ص. 200)

**حڪايت:** حضرت سيّدنا صفوان بن سليم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجد ئي ۾ رهندا، جڏهن مسجد مان نڪرندا هئا ته روئيندي هي فرمائيندا هئا: مون کي هي خوف آهي ته ٻيهر مسجد واپس نه موٽي سگهندس. (موسوعة ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 317، رقم: 62)

**حڪايت:** ڪنهن شخص حضرت زراره بن اوفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پڇيو: ”اي برزخ ۾ رهڻ وارو! توهان جي ويجهو ڪهڙو عمل بهتر آهي؟“ ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جواب ڏنو. ”رضاءِ الٰهي ۽ اميدن کي مختصر رکڻ“ (احياء العلوم، ج. 5، ص. 264)

ڪچھ نيڪياں ڪما لے جلد آخرت بنا لے      ڪوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زِندگی ڪا

## سيّدنا داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نصيحت

حضرت سيّدنا ابو محمد بن علي زاهد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان ڪوفه ۾ هڪ جنازي ۾ شريڪ ٿياسين، ان ۾ حضرت سيّدنا داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه به شريڪ هئا، جڏهن ماڻهو کي دفنائڻ لڳا ته پاڻ هڪ طرف ويهي رهيا، مان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ آيس ۽ ويجهو وينس ته پاڻ فرمايائون: جيڪو عذاب جي واعدي جو خوف رکي ٿو، پري جي شيءِ به ان جي ويجهو اچي ويندي آهي ۽ جنهن جون اميدون وڏيڪ هجن، ان جو عمل گهٽجي ويندو آهي ۽ هر اچڻ



www.dawateislami.net

واري شيءِ (يعني موت) ويجهو ئي آهي، اي منهنجا ڀاءُ! ياد رکو تہ جيڪا شي توهان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ڪري، اها توهان جي لاءِ منحوس آهي، هي بہ ڄاڻي ونو! دنيا وارا قبر وارن وانگر آهن جيڪو هٿ مان نڪري ويندو آهي، ان تي افسوس ڪندا آهن ۽ جيڪو ڪجهہ اڳين جي لاءِ جمع ڪري ڪندا آهن، ان تي خوش ٿيندا آهن، جيئن تہ فرق صرف ايترو آهي جو جنهن شيءِ تي قبر وارا افسوس ڪندا آهن، دنيا وارا ان جي خاطر مقابلو ۽ قتل و غارت گري ڪندا آهن ۽ عدالت ۾ ان جي لاءِ مقدّمہ وڙهندا آهن.

(احياءُ العلوم، ج. 5، ص. 200)

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانها آخرت جي تياري جي لاءِ نيڪين ۾ اهڙي طرح مصروف نظر ايندا آهن، جيئن ڪو ظاهر شناس انسان ان فاني دنيا کي ئي آبادڪاري جي لاءِ هر گهڙي بي قرار نظر ايندو آهي ۽ جهڙي طرح ان کي خوف هوندو آهي تہ جيڪڏهن مون ٿوري بہ غفلت ڪئي تہ پنهنجي ساٿين کان گهٽو پويان ٿي ويندس، ٿوڙي ڪا پُل چڪ ٿي، تہ منهنجو متوقع نفعو (ملڻ وارو فائدو) خساري ۾ تبديل ٿي ويندو، اهڙي طرح الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن کي هي خوف لاحق هوندو آهي تہ جيڪڏهن اهي دنياوي لذّتن ۽ آسائشن ۾ گم ٿي ويندا تہ ابدي زندگي ويران ٿي سگهي ٿي. اها ابدي زندگي جيڪا ڪڏهن ختم ٿيڻ واري ناهي، سٺ (60) يا ستر (70) سال دنياوي زندگي جي ڪشش، لذّتن ۽ آسائشن ۾ ڦاسي ڪري هن دائمي حياتِ کي بي رونق ۽ بي ڪيف بنائڻ، يقينًا بي عقلي ۽ جنون آهي. آخرت جي فڪر جي سبب انهن کي نہ تہ دنيا جا عاليشان محلّ وڻندا آهن ۽ نہ مال و دولت انهن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪنديون آهن. دراصل ان جو نگاهون تہ پنهنجي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي ڄمي وينديون آهن. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ



www.dawateislami.net

اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان اڄ دنيا سان بي رغبتي ۽ نااُميدي جي اهڙا مثال موجود آهن، جن جي واقعن کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي ياد تازه ٿي ويندي آهي ان سلسلي ۾ مفتي دعوتِ اسلامي جي طرزِ زندگي سماعت ڪريو:

## مفتي دعوتِ اسلامي جا واقعات

مفتي دعوتِ اسلامي ابو عمر مفتي فاروق عطاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي عادتِ مبارڪ هئي ته پنهنجي الماڙي ۾ ڪپڙن جا صرف چار (4) جوڙا رکندا، ربيع الاول شريف ۾ نوان ڪپڙا سبرائيندا ته پراڻا ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا. انتقال کان ڪجهه عرصو پهريان جڏهن پنجاب تشريف کڻي ويا، ته پنهنجا تمام جوڙا کڻي ويا ۽ تقسيم ڪري ڇڏيائون.

جامعة المدينہ هجي يا دارُالافتاء، مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪڏهن به پگهار وڌائڻ جو مطالبو نه ڪيو. مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران حضرت مولانا حاجي ابو حامد محمد عمران عطاري مَدَّظِلُّهُ الْعَالِي جن جو بيان آهي ته ”حال ۾ ئي (يعني انهن جي وفات کان ڪجهه عرصو پهريان) ان جو مشاهرو وڌيو هو، ته هي منهنجي گهر پاڻ تشريف فرما ٿيا. انتهائي پريشانيءَ ۾ هئا. مون کي فرمائڻ لڳا ته منهنجي پگهار ڪافي وڌي وئي آهي، مون کي ايتري وڏيڪ رقم جي حاجت ناهي، تنهنڪري مون تي ڪرم ڪيو وڃي ۽ منهنجو مشاهرو نه وڌايو وڃي.“

پنهنجي انتقال کان ڪجهه عرصو پهريان مفتيِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو اسڪوٽر ۽ ليپ ٽاپ (Lap top) ڪمپيوٽر وغيره سڀ ڪپائي ڇڏيا هئا ۽ فرمايو ته هاڻي مون کي ان جي ضرورت ناهي.



www.dawateislami.net

مفتي دعوتِ اسلامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ پيري ڪرائي جو مڪان وٺڻ چاهيو ٿي تہ ڪنهن مشورو ڏنو تہ پاڻ مڪان خريد ڇو نہ ٿا ڪري ڇڏيو؟ تہ فرمايائون تہ زندگي مختصر آهي، ڪرائي جو مڪان ئي ڪافي آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! گناهن جي عادت کان جان ڇڏائڻ ۽ ڏکين اميدن کان نجات پائڻ، سنّتون اپنائڻ ۽ پنهنجو سينو عشقِ رسول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مدينو بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي سدا بهار مدني ماحُول سان هر دم وابستہ رهو. گناهن جي دلدل مان نڪري، مدني ماحول اپنائڻ ۽ مدني قافلي ۾ سفر ڪري خوب برڪتون لُٽڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مدني بهار ٻڌو:

## فيشن پرست "مُبلّغ سُنّت" بڻجي ويو.

اِندَورشهر (M.P هند) جي هڪ ماڊرن نوجوان رمضان المبارڪ سن 1426ھ جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان ٿيندڙ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سندن سان دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو، چهري تي ڏاڙهيءَ جون بهارون مُرڪڻ لڳيون ۽ سبز عمامي شريف سان سرسبز ٿي ويا. هتي هٿ 12 ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي جا مسافر بڻجي ويا، خوب مدني رنگ چڙهيو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مبلغ دعوتِ اسلامي بڻجي ويا. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير پنهنجي شهر جي اندر **دعوتِ اسلامي** جي هڪ حلقہ مشاورت جي **نگران** جي حيثيت سان مدني ڪمن جون



www.dawateislami.net

ڏومون مچائي رهيا آهن.

## ڏگهين اميدن جا اسباب ۽ علاج

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! هر مرض جا ڪيترائي اسباب آهن، جيڪڏهن انهن اسبابن کي ختم ڪيو وڃي ته اهو مرض به ختم ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري ڏگهي اميدن جا اسباب ۽ علاج پيش خدمت آهن.

## پهريون سبب: دنيا جي محبت

ڏگهي اميدن جو پهريون سبب حُبِّ دنيا ( يعني دنيا جي محبت) آهي، امير المؤمنين حضرت سيّدنا عليُّ المرتضيٰ شير خدا رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي ته سيّدالمُبلغين، رحمت للعٰلمين صلّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلّم جو فرمان عاليشان آهي: مون کي توهان تي ٻن ڳالهين جو تمام گهڻو خوف آهي، خواهن جي پيروي ڪرڻ ۽ ڏگهيون ڏگهيون اميدون رکڻ. خواهش جي پيروي ته حق ڳالهه کان روڪيندي آهي ۽ ڏگهيون ڏگهيون اميدون دنيا جي محبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون آهن. ياد رکو! بيشڪ الله تعاليٰ ان کي به دنيا عطا فرمائيندو آهي جنهن سان محبت ڪندو آهي ۽ ان کي به ڏيندو آهي جنهن کي نا پسند ڪندو آهي، پر جڏهن هو ڪنهن ٻانهي سان محبت فرمائيندو آهي ته ته ان کي ايمان (جي دولت) عطا فرمائيندو آهي. ٻُڌو! ڪجهه ماڻهو دين وارا آهن ۽ ڪجهه دنيا وارا. توهان دين وارا ٿيو، دنيا وارا نه ٿيو. ياد رکو! دنيا پُٺ ڦيري وڃي آهي. ڄاڻي ونو! آخرت ويجهي اچي وئي آهي. خبردار! اڄ توهان عمل جي ڏينهن ۾ آهيو، ان ۾ حساب ناهي ۽ عنقريب توهان حساب جي ڏينهن ۾ هوندا، جتي ڪو به عمل نه هوندو. (موسوعة ابن ابي الدنيا، ج. 3، ص. 303، رقم 3) جڏهن ٻانهو دنيا سان ايتري محبت ڪري جو دنياوي خواهشون، لذّتن ۽ معاملن جو جدا هئڻ، ان جي دل کي نه وڻي ته ان



www.dawateislami.net

جي دنياوي لذّتن کي ختم ڪرڻ واري موت جي باري ۾ سوچ ويچار کان رڪجي ويندو آهي.جيڪا شيءِ انسان کي نا پسند هوندي آهي، ان کي پاڻ کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ته اهو ئي انسان بيڪار قسم جي خواهشن ۾ مصروف نظر ايندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته هر ڪم خواهش جي مطابق ٿي وڃي. تنهنڪري دنيا ۾ هميشه رهڻ ئي ان جي اصل چاهت هوندي آهي ۽ انهيءَ ڪري مسلسل انهن خيالن ۾ ڦاٿل هوندو آهي ۽ پنهنجي دل ۾ گھر، گھرواريءَ ٻار، دوست يار، مال ۽ دولت ۽ ٻين تمام اسبابن کي ضروري سمجهندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ ئي سوچ تي ان جي دل ڄمي ويندي آهي ۽ ايئن موت کي وساري ڇڏيندو آهي.

## دنيا جي محبت جو علاج

هن سبب جو علاج هي آهي ته قيامت جي ڏينهن ۽ ان ۾ ٿيڻ واري سخت عذاب ۽ ملڻ واري تمام وڏي ثواب تي ايمان پڪو ڪري، جڏهن ان تي ڪامل يقين اچي ويندو ته دل مان دنيا جي محبت نڪري ويندي ڇو ته بهتر شيءِ جي محبت دل مان بيڪار شيءِ جي محبت ڪڍي ڇڏيندي آهي ۽ جڏهن ٻانهو دنيا کي حقارت ۽ آخرت کي پسنديده نگاهن سان ڏسندو ته دنيا ڏانهن توجهه ڪرڻ ۾ ناگواري محسوس ڪندو، ڀلي ان کي اولهه ۽ اوڀر جي بادشاهت ئي ان کي ڇو نه ڏني وڃي. اهو ڪيئن دنيا تي خوش ٿيندو يا ان جي دل ۾ دنيا جي محبت ويهندي؟ جڏهن ته ان جي دل ۾ ته آخرت تي ايمان پڪو ٿي ويو آهي. اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا ٿا ڪريون ته دنيا کي اسان جي نگاهن ۾ اهڙي ئي حيثيت ڏي جهڙي ان پنهنجي نيڪ ٻانهن جي نگاهن ۾ ڏني.

## ٻيو سبب: جهالت ۽ لاعلمي

ڏکي اميدن جو ٻيو سبب جهالت ۽ لاعلمي آهي.



www.dawateislami.net

(1) جهالت يا تہ ائين موجود هوندي آهي جو انسان پنهنجي جواني تي ڀروسو ڪري اهو سمجهندو آهي تہ جواني ۾ موت نہ ايندو ۽ ويچارو ان ڳالهہ تي غور نہ ڪندو آهي تہ پوري شهر جي پوڙهن کي ڳڻيو وڃي تہ انهن جي تعداد مُردن جي ڏهين حصي کي بہ نہ پهچندي ۽ تعداد گهٽ هئڻ جو سبب اهو ئي آهي تہ وڏيڪ ماڻهو جواني ۾ مري ويندا آهن. جڏهن هڪ پوڙهو مرندو آهي تہ هزار ٻار ۽ جوان مري رهيا آهن.

(2) يا جهالت هيئن هوندي آهي جو صحتمند رهڻ جي ڪري موت نہ ايندو ۽ اوچتو اچڻ کي هڪ اتفاقي واقعو شمار ڪندو آهي ۽ اها ئي ان جي جهالت آهي تہ هڪ واقعو نہ آهي ۽ هڪ اڌ واقعو شمار بہ ڪيو وڃي تہ بيماري جو اوچتو ظاهر ٿي وڃڻ ڪو بہ مشڪل نہ آهي، چو تہ هر بيماري اوچتو اچي سگهي ٿي ۽ جڏهن انسان اوچتو بيمار ٿي سگهي ٿو تہ اوچتو موت جو اچڻ ذرو بہ مشڪل ناهي. هن جو علاج اهو آهي تہ پنهنجو ذهن هيئن ناهيو تہ جيئن ٻيا مرندا آهن، آئون بہ مري ويندس، منهنجو جنازو بہ ڪندو ويندو ۽ قبر ۾ وڌو ويندو، شايد منهنجي قبر جو ڍڪ تيار ٿي ويو هوندو. هن غفلت مان ڇٽڪارو حاصل نہ ڪرڻ ۽ ائين ٽٽائيندو رهڻ سراسر جهالت آهي. (احياءُ العلوم، ج. 5، ص. 201-202)

## مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو

حضرت سيدنا عليُّ المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٽن شخصن سان دوستي نہ ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي، جيئن سندن فرمان آهي: (1) فاجر ( گنهگار) سان تعلق نہ رک، چو تہ اهو پنهنجي فعل کي تنهنجي لاءِ سينگاريندو ۽ هي چاهيندو تہ تون بہ ان جهڙو ٿي وڃ ۽ پنهنجي بد ترين خصلت کي سٺو ڪري ڏيکاريندو، تو



www.dawateislami.net

وٺ ان جو اڇڻ وڃڻ، عيب ۽ بدنامي آهي ۽ (2) بي وقوف ماڻهو سان ٻه پائيچارو نہ ڪر جو اهو پاڻ کي مشڪل ۾ وجهي ڇڏيندو ۽ توکي ڪڏهن ٻه نفعو نہ پهچائيندو ۽ ڪڏهن اهو ٿيندو تہ تو کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر ٿيندو ائين جو توکي نقصان پهچائي ڇڏيندو. ان جي خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي ۽ ان جي دوري ويجهائي کان بهتر آهي ۽ (3) ڪوڙي سان ٻه پائيچارو نہ رک ڇوتہ ان سان گڏ معاشرو توهان کي فائدو نہ ڏيندو، تنهنجي ڳالهہ ٻين تائين پهچائيندو ۽ ٻين جي تو کي ٻُڌائيندو ۽ جيڪڏهن تو سچ ڳالهائيندي تڏهن ٻه اهو سچ نہ ڳالهائيندو.

حضور داتا گنج بخش حضرت سيّدنا علي بن عثمان هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”نفس جي عادت آهي تہ اهو پنهنجي ساٿين کان راحت حاصل ڪندو آهي ۽ جنهن قسم جي ماڻهن جي صحبت اختيار ڪئي وڃي، اهو انهن ئي جي خصلت ۽ عادت اختيار ڪري وٺندو آهي، ايستائين جو ”باز“ ماڻهو جي صحبت ۾ سُڌري ويندو آهي، طوطو ماڻهو جي سڪائڻ سان ڳالهائڻ لڳندو آهي، گهوڙو پنهنجي وحشياڻي عادت ڇڏي فرمانبردار ٻڄي ويندو آهي. هي مثال ٻُڌائن ٿا تہ صحبت جو ڪيترو اثر ۽ غلبو هوندو آهي ۽ هي ڪيئن عادتن کي بدلائي ڇڏيندي آهي، اهو ئي حال تمام صحبتن جو آهي.“ (حوالو) معلوم ٿيو تہ ”صحبت“ انسان کي نيڪ ۽ بد بنائڻ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي. سٺي صحبت لاءِ سٺو ماحول هئڻ ضروري آهي، سٺي ماحول سان وابستہ ٿيڻ تي ظاهر ۽ باطن جي اصلاح ٿيندي آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول الله عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي، تنهنڪري توهان ٻه دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول



www.dawateislami.net

سان وابستہ ٿي وڃو، ان جي برڪت سان ڏکيون اميدون گھٽجي وينديون، خوف خدا وڌندو، دنيا جي محبت گھٽ ٿيندي، مال جي محبت دل مان نڪري ويندي ۽ ايثار جو جذبو پيدا ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## 12 ڏينهن جو مدني ڪورس جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ ٿيڻ ۽ ٻين کي نيڪ بڻائڻ جي ڪوشش جو جذبو حاصل ڪرڻ لاءِ 12 ڏينهن جو مدني ڪورس بہ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ گھرجي.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانہ ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن هن فتني واري دور ۾ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو مدني انعامات جي صورت ۾ عطا فرمايو آهي، هن 12 روزه مدني ڪورس ۾ هنن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جون آسانيون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي عملي مشق بہ ڪرائي ويندي آهي، ان کان علاوه تَهَجُّد، اِشراق ۽ چاشت، صحيح تلفُّظ سان قرآن پاڪ جي تلاوت، وِرد ۽ وظيفا، مناجات، مدني حلقہ ۽ شجرو شريف بہ پڙهايو ويندو آهي. ۽ باطن جي اصلاح ۽ تربيت جي لاءِ مُهلِڪات (يعني هلاڪت ۾ وجھڻ وارين باطني بيمارين) مثلاً حسد، تڪبّر، رياڪاري، بدگماني وغيره موضوعن تي بيان، نماز جو طريقو، فضول ڳالهين کان بچڻ لاءِ اشارا ۽ گھٽو ڪجھہ سکڻ جو موقعو ملندو آهي.

**دعاءِ عطار!** يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو بہ 12 روزه مدني ڪورس ڪري، پُل صراط تان اهو بجلي وانگر تيزي سان گذري وڃي ۽ بي حساب جنّت ۾ داخل ٿي وڃي ۽ محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ان کي پاڙو ملي وڃي.



www.dawateislami.net

شعر ۽ درود شريف

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!

- ❖ بصره جو بادشاهه ڏگهين اميدن جي ڪري دنياوي عيش ۽ عشرت ۾ مبتلا ٿيو، جيئن ئي ڏگهي اميدن جي باهه وِسي، غفلت جي اونداهي ختم ٿي وئي، ته ان جي دل توبه ڏانهن مائل ۽ گناهن ۽ دنيا ڪان بيزار ٿي وئي ۽ ڏگهين اميدن کي ڇڏي گناهن تي شرمندو ٿيڻ جي برڪت سان ان جو خاتمو به توبه تي ٿيو.

- ❖ ڏگهي اميدن جي ڌوڪي ۾ اچي انسان اهو سوچيندو آهي ته اجا عمر گهڻي آهي، نيڪيون پوءِ ڪري وٺنداسين، انهيءَ خيال ۾ هوندا آهن ايتري ۾ موت اچي ويندو آهي.

- ❖ ڏگهي اميد عمل کي ضايع ڪرائي ڇڏيندي آهي، نفس جي خواهشن ۾ مبتلا ڪري انسان کي عاجز ۽ لاچار بڻائي ڇڏيندي آهي.

- ❖ دنياوي اميدن ۾ گهٽتائي ڪان غفلت نه ٿيندي آهي، انسان گناهن تي دلير ناهي ٿيندو، توبه ۾ جلدي ڪندو آهي ۽ هر وقت پنهنجي موت کي ياد رکندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی پاڻ کي ڏگهين اميدن ڪان بچائيندا هئا.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان اڄ به دنيا مان بي رغبتي ۽ نا اميدي رکڻ وارن جا اهڙا مثال موجود آهن، جن جا واقعا ملاحظه ڪرڻ ڪان پوءِ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي ياد تازه ٿي ويندي آهي.



www.dawateislami.net

صحبت انسان کي نيڪ بنائڻ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي. سٺي صحبت لاءِ سٺو ماحول ضروري آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول الله عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي، تنهنڪري توهان به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، هن جي برڪت سان ڏکي اميدن ۾ گهٽتائي ۽ باطني بيمارين کان نجات ملندي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني حلقو“

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مشڪبار مدني ماحول سٺي صحبت فراهم ڪندو آهي، هن مدني ماحول سان وابسته ٿي لکين ماڻهو گناهن واري زندگي کان توبه ڪري نيڪين واري زندگي گذاري رهيا آهن. توهان به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 ڪمن مان هڪ مدني ڪم نماز فجر کان پوءِ مدني حلقو به آهي. جنهن ۾ روزانو 3 قرآني آيتن جي تلاوت ۽ ترجمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائن العرفان/ تفسير نور العرفان/ تفسير صراط الجنان، درسِ فيضان سنّت (4 صفحا) ۽ شجره قادريه، رضويه، ضيائيه، عطاريه پڙهيو ويندو آهي. قرآن ڪريم کي پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جون وڏيون برڪتون آهي، نبيِّ مڪرم، نور مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: جنهن شخص قرآن سکيو ۽ سکاريو ۽ جيڪو ڪجهه قرآن ۾ آهي، ان تي عمل ڪيو، قرآن شريف ان جي شفاعت ڪندو ۽ جنّت ۾ وٺي ويندو. (حوالو) هڪ ٻي حديث ۾ آهي: جنهن شخص قرآن ڪريم جي هڪ آيت يا دين جي ڪا سنّت سکائي، قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ان جي لاءِ اهڙو ثواب تيار



www.dawateislami.net

فرمائيندو جو ان کان بهتر ثواب کنهن جي لاءِ به نه هوندو. (حوالو) تنهنکري توهان به پابندي سان مدني حلقي ۾ شرڪت جي نيّت فرمائي وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريا ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت، نوشهء بزمِ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. حوالو

شعر

اچو!شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان پاڻي پيئڻ جا ڪجهه مدني گل ٻڌون ٿا:

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا به فرمان: اُٺ وانگر هڪ ئي ساهه ۾ نه پيو، بلڪ ٻه يا ٽي مرتبه (ساهه ڪٽي) پيو ۽ پيئڻ کان پهرين بسم الله پڙهو ۽ فارغ ٿيڻ تي اَلْحَمْدُلِلّٰه چوندا ڪريو (ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٿانو ۾ ساهه ڪڍڻ يا ان ۾ ڦوڪڻ کان منع فرمايو آهي.

(ابو داؤد ج 3، ص 474، حديث: 3728)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت، چند سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاة المصابيح، ج. 1، ص. 55، حديث. 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو: ”بِسۡمِ اللہِ تَوَکَّلۡتُ عَلَی اللہِ لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّۃَ اِلَّا بِاللہِ“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نه (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نه (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو﴿3﴾ بنا الله (عَزَّوَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ اللہِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان به اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَیۡنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللہِ الصّٰلِحِیۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ اَیُّہَاالنَّبِیُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوته حضور اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118)



www.dawateislami.net

﴿5﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿6﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ﴿7﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ ڪان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ﴿8﴾ ڪنهن جي گهر وڃو ته اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نه ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ﴿9﴾ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا به ڪريو ۽ مهرباني به ادا ڪريو ۽ سلام به ۽ ٿي سگهي ته ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی پهول،ص۲۷)

عاشقانِ رسول، آئیں سنّت کے پھول دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[4]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[5]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُتَعَالٰيعَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net